SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2013

# SINDH ACT NO.XX OF 2013

# گھريلو تشدد کان (بچاءُ ۽ حفاظت) ايڪٽ، 2013

# THE DOMESTIC VIOLENCE (PREVENTION AND PROTECTION) ACT, 2013

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. حڪومت پاران ايڪٽ جي موثر عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ
Government to ensure effective implementation of the Act

4. ڪميشن جي جوڙجڪ
Constitution of Commission

5. گھريلو تشدد
Domestic Violence

6. سزا
Punishment

7. عدالت ۾ درخواست داخل ڪرڻ
Petition to the Court

8. صلاح مشورو

Counseling
9. هڪ گهر ۾ رهڻ جو حق
Right to reside in a household
10. عبوري حڪم ڏيڻ جو اختيار
Power to grant interim order
11. حفاظتي ۽ رهائش حڪمن جي منظوري
Passing of protection orders and residence orders
12. مالياتي ادارا
Monetary relief
13. حراست جو حڪم
Custody orders
14. عبوري، حفاظتي ۽ رهائشي حڪمن جو عرصو ۽ تبديلي
Duration and alteration of interim, protection and residence orders
15. جواب دهندگان پاران عبوري يا حفاظتي حڪمن جي خلاف ورزي تي سزا
Penalty for breach of an interim or protection order by the respondent
16. اپيل
Appeal
17. تحفظ ڪميٽي
Protection Committee
18. حفاظتي ڪميٽي جا فرض ۽ افعال
Duties and functions of Protection Committee
19. حفاظتي ڪميٽي جا اختيار، مراعتون ۽ امتياز
Powers, privileges and immunities of Protection Committee

20. اختيار ۽ فرض جي تفويض
Delegation of functions and powers
21. پروٽيڪشن آفيسر
Protection Officer
22. پروٽيڪشن آفيسر جا فرض
Duties of Protection Officer
23. خدمتون فراهم ڪرڻ جو سهڪار
Assistance of service provider
24. خدمتون فراهم ڪرڻ جا اختيار
Powers of service provider
25. طريقيڪار
Procedure
26. نيڪ نيتي ۾ ڪنيل قدمن جو تحفظ
Protection of actions taken in good faith
27. هي قانون ڪنهن ٻي قانون جي ٽڪراءَ ۾ نہ ايندو
Act not in derogation of any other law
28. نظرثاني
Revision
29. قاعدن ناهڻ جو اختيار
Power to make rules
30. رڪاوٽن کي هٽائڻ
Removal of difficulties

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XX OF 2013
## گهريلو تشدد کان (بچاءُ ۽ حفاظت) ايڪٽ، 2013
## THE DOMESTIC VIOLENCE (PREVENTION AND PROTECTION) ACT, 2013

[19 مارچ 2015]

(Preamble)

جيئن تہ عورتن، ٻارن ۽ ڪمزور ماڻهن تي گهرو تشدد جي روڪٿام جي لاءِ ادارتي سطح تي قدم کڻڻ ضروري آهي ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن جو تعلق يا حادثاتي طور تي ٿيندڙ بچاءَ جي لاءِ قدم کڻڻ بہ ضروري آهي؛

ان ڪري هن طريقي سان قانون ٺاهيو ويو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي گهريلو تشدد (بچاءَ ۽ حفاظت ) ايڪٽ 2013 سڏيو ويندو.

(2) هن ايڪٽ جو لاڳو سڄي سنڌ ۾ هوندو.

(3) هي في الفور نافذ ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪا شئي هن جي موضوع يا مفهوم جي خلاف نہ هجي:

(a) "متاثر شخص" مان مراد ڪا عورت، ٻار يا ڪو ڪمزور شخص جنهن جو جواب دهندگان سان گهريلو تعلق هجي يا رهيو هجي ۽ متاثر شخص جواب دهندگان تي ڪنهن بہ قسم جي گهريلو تشدد جو الزام هنيو هجي؛

(b) ”ٻار“ مان مراد 18 سالن کان گهٽ عمر وارو شخص آهي، جنهن جو جواب ڏهندڳان کان گهريلو تعلق هجي اهو ٻار گود ورتل هجي يا ماٽيلو هجي ان ۾ شامل آهي؛

(c) ”ڪوڊ“ مان مراد ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ارڙهن سئو اٺهانوي (ارڙهن سئو اٺهانوي جو ايڪٽ نمبر پنجون):

(d) ”ڪورٽ“ هن ايڪٽ ۾ عدالت مان مراد فرسٽ ڪلاس جڊيشل ميجسٽريٽ جي عدالت آهي؛

(e) ”گهريلو رشتو“ مان مراد اهو رشتو جنهن ۾ خوني رشتو، شادي، رشتيداري، پاليل يا خاندان جا ڀاتي گڏ رهندا هجن يا ڪنهن جاءِ تي گڏ رهائش اختيار ڪئي هجي؛

(f) ”گهريلو تشدد“ جي اها ئي معنيٰ آهي ته جيڪا دفعه پنج ۾ ٻڌائي وئي آهي؛

(g) ”حڪومت“ مان مراد سنڌ حڪومت آهي؛

(h) ”گهراڻي“ مان مراد اهو ڪٽنب آهي جنهن ۾ متاثر ٿيل شخص اڪيلي يا جوابدار سان گڏ گهريلو رشتو اختيار ڪيو هجي يا انفرادي طور تي رهندو هجي ۽ ان گهر ۾ ٻئي گڏيل طور تي ڪرائيدار يا مالڪ هجن يا ڪرائيدار هجي. جيڪڏهن اهڙي گهراڻي ۾ متاثر شخص يا جوابدار جي انفرادي يا گڏيل طور تي عهدو، مفاد يا ڪوئي حق حاصل هجي يا اهڙو گڏيل ڪٽنب جو متاثر شخص يا جوابده حصو ٿي سگهي ٿو؛

(i) ”مخبر“ مان مراد اهو شخص جنهن کي مستند معلومات هجي هن ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪئي پئي وڃي ۽ مخبر متاثر ڌر يا جوابده جي خلاف ڪا منفي دلچسپي نه رهندو هجي.

(j) ”مالياتي امداد“ مان مراد اها امداد آهي جنهن کي عدالت دفعه 12 جي تحت حڪم ڏي سگهي ٿي؛

(k) "نوٽيفڪيشن" مان مراد آفيشل گزٽ ۾ شايع ٿيندڙ نوٽيفڪيشن آهي؛

(l) "بيان ڪيل" مان مراد هن ايڪٽ جي تحت مقرر ڪيل قانون؛

(m) "تحفظ ڪميٽي" مان مراد دفعه 17 جي تحت قائيم ڪيل ڪميٽي؛

(n) "پروٽيڪشن آفيسر" مان مراد حڪومت پاران دفعه 21 جي تحت مقرر ڪيل آفيسر؛

(o) "پروٽيڪشن آرڊر" مان مراد دفعه 11 جي تحت پاس ڪيل حڪم آهي؛

(p) "جوابده" مان مراد اهڙو شخص آهي جنهن جو متاثر ٿيل شخص سان گهريلو لاڳاپو هجي جنهن جي خلاف هن ايڪٽ جي تحت امداد گهري وئي هجي؛

(q) "رهائشي حڪم" مان مراد دفعه 11 جي تحت ڏنل حڪم آهي؛

(r) "خدمتون فراهم ڪرڻ وارا" مان مراد سرڪاري سهولتون يا اهڙي رجسٽرڊ رضاڪاراڻه تنظيم جيڪا متاثر ٿيل ماڻهن جي قانوني، طبي، مالياتي ۽ ٻين قسمن سان سهڪار ڪري؛

(s) "متاثر ٿيل شخص" مان مراد اهڙو شخص جيڪو پوڙهائپ، دماغي بيماري يا معذوري يا جسماني بيماري سبب غير محفوظ هجي؛

(2) الفاظ ۽ جملا جنهن جو ذڪر هن ايڪٽ ۾ نه ڪيو ويو آهي. ان جي ساڳئي معنيٰ ورتي ويندي جيڪا پاڪستان پينل ڪوڊ 1898 (ارڙنهن سئو اٺهانوي جو ايڪٽ پنجٽيهه) ۽ ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ 19 سئو اٺهانوي (1860 جي ايڪٽ نمبر V) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

3. حڪومت کي يقيني بڻائڻو پوندو ته.

(a) هن ايڪٽ ۽ مواد کي اردو ۽ ٻين مقامي زبانن جي اليڪٽرانڪ ۽ ميڊيا تي وسيع تشهير هجي.

(b) هن ايڪٽ ۾ ٻڌايل مسئلن جي حل لاءِ سرڪاري آفيسرن ۽ عدالتي ميمبرن جي متواتر ان جي حساسيت ۽ آگاهي جي لاءِ تربيت ڏني ويندي ۽:

(c) گهريلو تشدد جي مسئلن جي حل جي لاءِ صحت، تعليم، روزگار، قانون ۽ سماجي ڀهبود ۽ فلاح جي حوالي سان ڪم ڪرڻ وارين لاڳاپيل وزارتن، کاتن ۽ موثر مسودا تيار ڪن ۽ ان تي وقتن بوقتن نظرثاني ڪئي ويجي:

حڪومت پاران ايڪٽ جي موثر عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ
Government to ensure effective implementation of the Act

4. (1) حڪومت پاران هڪ ڪميشن جو قيام عمل ۾ آندو ويندو، جنهن ۾ ٻڌايل طريقن جي مطابق چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري ڪئي ويندي.

(2) ڪميشن هيٺيان معاملا حل ڪري سگهي ٿي.

(a) گهريلو تشدد بابت ناهيل قانون جي نقطن جو وقتن بوقتن جائزو ورتو ويندو ۽ ان ۾ ترميم ڪرڻ جي تجويز ڏئي سگهي ٿي:

(b) ڪميشن گهريلو تشدد جي مخصوص واقعن تي خاص مطالعي ۽ جاچ جي ضرورت تي زور ڏئي سگهي ٿي:

(c) گهريلو تشدد بابت لاڳاپيل واقعن ۽ قانون تي عمل درآمد نه ٿيڻ جي شڪايت تي پاڻمرادو نوٽيس وٺي سگهي ٿي: ۽

ڪميشن جي جوڙجڪ
Constitution of Commission

(d) گھريلو تشدد کان پاڪ ۽ محفوظ ماحول جي منصوبہ بندي جي عمل جي لاءِ شرڪت ۽ مشورو ڏئي سگھي ٿي؛

| گھريلو تشدد Domestic Violence | 5. گھريلو تشدد صرف منفي بنياد تي محدود ناهي ۽ نہ ئي جوابده پاران عورتن کان علاوه ٻارن ۽ ڪمزور ماڻھن تي جسماني، نفسياتي، بدسلوڪي تي محدود آهي. |
|---|---|

(a) "ڏوهہ ۾ اعانت ڪرڻ جو معاملو پاڪستان پينل ڪوڊ (ايڪٽ 1862 XLV) ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان کانپوءِ هن ايڪٽ ۾ بہ حوالو" ڏنو ويو آهي؛

(b) "حملي ڪرڻ" بابت بيان ڪيل ايڪٽ جي مطابق دفعہ 351 ۾ ٻڌايو ويو آهي؛

(c) "حملو ڪندڙ" مان مراد هن ايڪٽ جي دفعہ 511 ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ هن دفعہ ۾ ٻڌايل ڏوهن مان ڪنهن بہ هڪ جو ارتڪاب ڪرڻ حملو ڪرڻ جي برابر آهي؛

(d) مجرماڻي قوتن بابت هن ڪوڊ جي دفعہ 350 ۾ ٻڌايو ويو آهي؛

(e) مجرماڻي ڌمڪين سان لاڳاپيل هن ڪوڊ جي دفعہ 503 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(f) جذباتي، نفسياتي، زباني، بدسلوڪي سان مراد متاثر ماڻھو سان ذلت آميز رويو رکڻ آهي پر اهو ايستائين محدود ناهي؛

i. جنونيت يا ساڙ جي سبب متاثر شخص جي خلوت آزادي، ديانتداري ۽ حفاظت ۾ مداخلت ڪرڻ؛

ii. توهين يا بي عزتي ڪرڻ؛

iii. جسماني تڪليف پهچائڻ جي ڌمڪي ڏيڻ؛
iv. بدنيتي تي ٻڌل استغاثا جو خطرو؛
v. مڙس يا زال تي بدڪرداري جو الزام لڳائڻ؛
vi. طلاق جي ڌمڪي ڏيڻ؛
vii. بنا وجہ جا الزام هڻڻ يا چريو قرار ڏيڻ يا هن سان ٻيهر شادي ڪرڻ لاءِ هن کي سُنڌ قرار ڏيڻ؛
vii. گهر جي ڪنهن ڀاتي جي طرفان گهر جي ڪنهن عورت تي غير اخلاقي قسم جا ڪوڙا الزام لڳائڻ؛
ix. ڄاڻي واڻي يا غفلت جي سبب متاثر شخص پاران پنهنجي حق تان هٿ ڪڻڻ؛

(g) "هراسان ڪرڻ" بابت بيان ڪيل ڪوڊ جي دفعہ 509 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(h) "تڪليف پهچائڻ" بابت بيان ڪيل ڪوڊ جي دفعہ 332, 333, 335, 336A, 3367J, 337E, 337C, 337B, 337, 337L, 337K. ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(i) "نقصان ڪڻڻ" متاثر شخص جي ملڪيت تي نقصان ڪڻڻ بابت هن ڪوڊ جي دفعہ 425 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(j) "جسماني بدسلوڪي" مان مراد ڪنهن عمل جي نتيجي ۾ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ملڻ. اهڙو عمل ڪرڻ جيڪو هن قانون جي دفعہ 5 (F) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(k) "اسٽاڪنگ" ۾ شامل آهي پر اهو هيٺين تي محدود ناهي؛

i. متاثر شخص کي هن جي مرضي جي بنا رستي ۾ روڪڻ ۽

ii. متاثر شخص جي رهائش يا ڪم واري جاءِ جتي هو ڪم ڪندو آهي يا اڪثر اتان ايندو ويندو آهي هن جاءِ جي ٻاهريان يا ويجهو ڏسڻ يا بنا مقصد جي اتي بيهڻ؛

(l) ”جنسي بدسلوڪي“ متاثر شخص سان ڪنهن بہ قسم جي جنسي بدسلوڪي، تذليل، عزت گهٽائڻ يا هيٺين طريقن سان هن جي عزت نفس کي گهٽ ڪرڻ شامل آهي؛

i. متاثر شخص جي زال کي مڙس جي علاوه ڪنهن ٻئي سان همبستري ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ؛

ii. ”خاندان“ جي ڪنهن فرد سان جنسي بدسلوڪي يا هراسان ڪرڻ.

(m) ”غيرقانوني طور تي داخل ٿيڻ“ متاثر شخص جي رضامندي جي بنا هن جي گهر ۾ عارضي يا مستقل طور تي داخل ٿيڻ يا هن جي آفيس يا جتي هن جو اچڻ وڃڻ وڌيڪ هجي هن جاءِ تي داخل ٿيڻ شامل آهي؛

(n) ”حبس بيجا ۾ رکڻ“ بيان ڪيل ڪوڊ جي دفعہ 340 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(o) ”معاشي استحصال“ متاثر شخص کي هراس، معاشي ۽ مالياتي وسيلن کان محروم رکڻ يا روڪڻ جنهن جو هو مستحق هجي؛

| | |
|---|---|
| 6. (1) دفعہ 5 ((a، (b)، (c)، (d)، (e)، (f)، (g)، (h)، (i)) ۽ (n) ۾ بيان ڪيل ڏوهہ پاڪستان پينل ڪوڊ 1860 جي تحت سزا | سزا<br>Punishment |

جوڳا آهن.

(2) دفعه 5 (F) ۾ بيان ڪيل ڏوهن جي سزا ڇهه مهينن جي آهي يا متاثر شخص کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار ڏنڊ ڏيڻو پوندو يا ٻئي سزائون گڏ.

(3) جيڪو به هن شخص جي پويان ويندو ان کي هن دفعه 5 (K) جي تحت گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال سزا ٿيندي يا متاثر ڌر کي گهٽ ۾ گهٽ ويهه هزار ڏنڊ ڏيڻو پوندو يا ٻئي سزائون گڏ.

(4) دفعه 5 (L) ۾ بيان ڪيل ڏوهه سزا جوڳا ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن تائين قيد ٿي سگهي ٿي، يا گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه هزار روپيا متاثر ڌر کي ڏيڻا پوندا يا ٻئي سزائون گڏ.

(5) دفعه 5 (M) ۾ بيان ڪيل ڏوهه سزا جوڳا ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهينو قيد يا ڏنڊ ڏيڻو پوندو يا ٻئي سزائون گڏ.

(6) جيڪڏهن ڪو شخص دفعه 5(O) جي تحت ڏوهه ڪري ٿو ته هن کي دفعه 12 (1) جي تحت ڏنڊ ڀرڻو پوندو.

**عدالت ۾ درخواست داخل ڪرڻ**
**Petition to the Court**

7. (1) متاثر شخص يا هن جي طرفان مجاز شخص يا مخبر لاڳاپيل عدالت جي دائري ۾ اچڻ واري اها جاءِ جتي متاثر شخص ۾ جوابدي آخري ڀيرو گڏ رهائش اختيار ڪئي هجي؛

(2) عدالت درخواست موصول ٿيڻ جي ست ڏينهن جي اندر ٻڌڻي لاءِ تاريخ مقرر ڪندي.

(3) متاثر ڌر جي درخواست موصول ٿيڻ جي بعد عدالت عبوري حڪم نامي يا هن جي بنا جوابدي شخص کي ست ڏينهن تائين طلبي نوٽيس جاري ڪندي ۽ جوابدي کي متاثر ڌر جاري ڪندي ۽ جوابدي کي متاثر ڌر تي گهريلو تشدد ڪرڻ کان روڪيو ويندو جنهن جو عدالت ۾ الزام لڳايو ويو

آهي.

(4) ذيلي دفعہ (1) جي تحت داخل ڪيل درخواست نوي ڏينهن جي اندر داخل ڪئي ويندي، جيڪڏهن ٻڌڻي جي دوران ڪجهہ سببن ڪري ڪيس ملتوي ڪيو وڃي ٿو تہ عدالت کي هن جي لکت جي ذريعي سبب لکڻا پوندا.

صلاح مشورو
Counseling

8. (1) عدالت هن قانون جي تحت ڪيس جي ٻڌڻي جي دوران ڪنهن بہ متاثر ڌر يا جوابدي کي لازمي ڪائونسلنگ جي لاءِ مناسب خدمتون فراهم ڪندڙن ڏانهن وڃڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي.

(2) جڏهن عدالت ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڪوبہ حڪم جاري ڪري ٿي تہ ٽيهن ڏينهن جي اندر هن جي اڳتي تاريخ مقرر ڪندي.

هڪ گهر ۾ رهڻ جو حق
Right to reside in a household

9. (1) ڪنهن بہ قانون ۾ موجود هئڻ جي باوجود بہ متاثر شخص کي هن جي مرضي بنا گهر کان بي دخل نہ ڪيو ويندو، پوءِ ڀلي هن جو ڪو حق، عهدو، حق استفاده هجي يا نہ.

(2) جوابدي جي طرفان متاثر شخص کي گهر يا گهر جي ڪنهن حصي کان بي دخل نہ ڪيو ويندو. متاثر شخص کي قانون تحت تحفظ حاصل آهي.

عبوري حڪم ڏيڻ جو اختيار
Power to grant interim order

10. (1) هن قانون جي تحت ڪنهن بہ ڪارروائي ۾ عدالت عبوري حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

(2) جيڪڏهن عدالت سمجهي ٿي تہ متاثر ڌر مٿان جوابده جي طرفان گهريلو تشدد ڪيو ويندو آهي يا گمان آهي جوابدي ڪنهن قسم جو گهريلو تشدد ڪيو آهي تہ عدالت متاثر ڌر جي طرفان جوابدي جي خلاف دفعہ 11، 12 ۽ 13 جي تحت پيش ڪيل حلف ناما، ثبوت ۽ مواد جي بنياد

تي حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

حفاظتي ۽ رهائش حڪمن جي منظوري
Passing of protection orders and residence orders

11. (1) جيڪڏهن عدالت سمجهي ٿي تہ گهريلو تشدد ٿيو آهي تہ متاثر شخص جي حق ۾ حفاظتي حڪم نامو جاري ڪري سگهي ٿي ۽ جوابده کي هيٺين ڪمن کان روڪي سگهي ٿي.

(a) ڪنهن بہ قسم جو گهريلو تشدد؛

(b) گهريلو تشدد جي ڪارروائين ۾ مدد يا هٿي وٺرائڻ؛

(c) متاثر شخص جي آفيس يا ٻاهر آهي تہ هن جي تعليمي اداري يا اهڙي جاءِ جتي هن جو اچڻ وڃڻ وڌيڪ هجي؛

(d) متاثر شخص سان ذاتي، زباني، لکت، برقي، ٽيليفون، موبائيل يا ٻين ذريعن سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ؛

(e) متاثر شخص سان سهڪار ڪرڻ وارا هن تي انحصار ڪرڻ وارا افراد ۽ رشتيدارن ۽ ٻين فردن تي تشدد ڪرڻ؛

(f) تحفظ جي حڪم نامي ۾ موجود معاملي جي علاوه ڪنهن ٻئي تي عمل درآمد ڪرڻ؛

(2) ذيلي دفعہ (1) جي تحت حڪم نامي يا هن جي علاوه جيڪڏهن عدالت سمجهي ٿي تہ متاثر ڌر تي گهريلو تشدد ٿيو آهي تہ هو ريزيڊنس حڪم نامو جاري ڪري سگهي ٿي.

(a) جوابدي کي متاثر شخص کي بي دخل ڪرڻ کان روڪڻ يا متاثر شخص جي ملڪيت جي قبضي ۾ رڪاوٽون وجهڻ؛

(b) جوابده يا هن جي ڪنهن رشتيدار کي متاثر شخص جي رهائش گاهہ ۾ داخلي کان روڪڻ ۽

(c) جوابده کي متاثر ڌر لاءِ محفوظ متبادل رهائش يا جيڪڏهن اهڙيون حالتون هجن تہ هن جي لاءِ ڪرايو ادا ڪرڻ؛

(3) جيڪڏهن عدالت مناسب سمجهي تہ متاثر ڌر يا هن ٻار جي تحفظ ۽ بچاءَ لاءِ اضافي شرط لاڳو ڪري سگهي ٿي يا ڪو حڪم پاس ڪري سگهي ٿي.

(4) متاثر ڌر تي گهريلو تشدد کان بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ عدالت جوابدي کي زر ضمانت ضامن سان گڏ بنا ضامن جي جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

(5) عدالت ذيلي دفعہ (1)، (2) ۽ (3) جي تحت حڪم جاري ڪرڻ وقت لاڳاپيل ٿاڻي جي انچارج کي متاثر شخص کي تحفظ فراهم ڪرڻ يا سهڪار ڪرڻ يا متاثر شخص جي طرفان ڪنهن عدالتي حڪم تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏيئي تہ هن سان سهڪار ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

(6) عدالت ذيلي دفعہ (2) جي تحت جوابده تي ڪرائي يا ٻين ادائيگين سان گڏ ڌرين کي مالي ضرورتن بابت ذميدارين کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

(7) عدالت لاڳاپيل پوليس اسٽيشن جي آفيسر کي پروٽيڪشن آرڊر تي عمل درآمد جي لاءِ حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

(8) عدالت جوابده کي متاثر شخص جي ملڪيت، قيمتي سامان يا دستاويزن کي واپس ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي. عدالت هن دفعہ جي تحت پاس ڪيل سمورن حڪمن جي هڪ ڪاپي ڌرين، لاڳاپيل ٿاڻي جي انچارج ۽ عدالت

جي دائره ڪار ۾ ايندڙ خدمتون فراهم ڪرڻ وارن کي ڏيڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي.

مالياتي ادارا
Monetary relief

12. (1) متاثر شخص کي داخل درخواست تي عدالت ڪاروائي جي دوران جوابده کي متاثر ڌر جا خرچ، نقصان ۽ هيٺيان مالياتي امداد جا عبوري حڪم ڏئي سگهي ٿي.

(a) متاثر ڌر کي ٿيندڙ معاشي نقصان جو عدالتي تعين ڪانپوءِ جوابده کي هن جو ازالو ڪرڻ جو حڪم ڏيئي سگهي ٿي؛

(b) آمدني جو نقصان؛

(c) طبي خرچ؛

(d) متاثر شخص جي ملڪيت جي مسماري، متاثر ٿيڻ يا هن کان قبضو وڃڻ جي سبب نقصان پهچڻ؛

(e) خاندان بابت قانونن جي پيش نظر متاثر عورت ۽ هن جي ٻارن جي بحالي؛

(2) جوابدي شخص ذيلي دفعہ (1) جي تحت ڏنل عدالتي حڪم ۾ مقرر وقت جي اندر متاثر ڌر کي مالياتي امداد ڏيڻ جو پابند هوندو، ۽ هن ۾ ڏنل شرطن جي پابندي بہ ڪرڻي هوندي.

(3) جوابده جي طرفان متاثر شخص جي مالياتي امداد جي ناڪامي جي صورت ۾ عدالت دفعہ (2) جي تحت جوابده کي آجر يا قرضدار کي جوابده جي پگهار، اجرت يا قرض جي رقم جو ڪجهہ حصو متاثر ڌر کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ اها رقم جوابده جي پگهار، اجرت يا قرضيءَ کي رقم جي رقم سان ترتيب ڏني ويندي.

حراست جو حڪم

13. عدالت ڪارروائي جي دوران ڪنهن بہ وقت پروٽيڪشن

Custody orders

آرڊر يا هن قانون جي تحت ڪنهن ٻي امداد جي ذريعي متاثر شخص جي نگهباني هيٺين فردن جي حوالي ڪري سگهي ٿي.

(a) گارجنس اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 (1890 جي ايڪٽ VIII) تحت ڪنهن شخص وٽ ڪو ٻار؛ ۽

(b) متاثر شخص جي خواهش تحت ڪنهن خدمتون فراهم ڪندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص وٽ ڪو بالغ؛

بشرطيڪ ڪنهن معاملي ۾ جتي هڪ ٻار طرفان جنسي هراسان ڪرڻ جي شڪايت ڪئي وئي هجي ۽ عدالت اهو طئي ڪيو هجي ته اهڙو الزام درست آهي، عدالت متاثر ٻار جي حوالگي نان ريسپانڊنٽ والدين يا گارجين کي ڏئي سگهي ٿو يا اهڙي شخص کي جنهن ان سلسلي ۾ هن (نينگري يا نينگر) جي حوالگي لاءِ درخواست ڪئي هجي.

عبوري، حفاظتي ۽ رهائشي حڪمن جو عرصو ۽ تبديلي

Duration and alteration of interim, protection and residence orders

14.(1) دفعه 10 تحت ڪيل عارضي حڪم (انٽيرم آرڊر) ۽ دفعه 11 تحت ڪيل حفاظتي حڪم تيستائين لاڳو رهندا جيستائين متاثر شخص اهڙي حڪم جي خارج ڪرڻ لاءِ درخواست ڏئي.

(2) عدالت ۾ ڪنهن به موقعي تي متاثر طرفان درخواست ملڻ تي يا ريسپانڊنٽ مطمئن آهي ته هاڻي حالتون تبديل ٿي چڪيون آهن، جن موجب تبديلي، موڊيفڪيشن يا هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن حڪم جي نظرثاني ٿيڻ گهرجي، اها اهڙي حڪم لکڻ جي سلسلي ۾ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(3) ريزيڊنس آرڊر اهڙي وقت تائين لاڳو رهندو، جيستائين ان کي تبديل نه ڪيو وڃي.

(4) ذيلي دفعه (1) ۽ (2) ۾ شامل ڪجهه به متاثر شخص کي اڳوڻو حڪم ناموختم ٿي وڃڻ بعد نئين درخواست ڏيڻ کان نٿو روڪي.

**جواب دهندگان پاران عبوري يا حفاظتي حڪمن جي خلاف ورزي تي سزا**
**Penalty for breach of an interim or protection order by the respondent**

15.(1)ريسپانڊنٽ طرفان هڪ حفاظتي حڪم يا عارضي حڪم جي ڀڃڪڙي ڏوهه هوندي ۽ اهڙي قيد جي سزا جي لائق هوندي، جيڪا يا ته هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي، يا ٻئي گڏ.

(2)جيستائين ڪجهه ڪوڊ جي متضاد نه هجي، هن دفعه تحت ڏوهه ازالي لائق، ضمانت جوڳا ۽ سزا لائق هوندا.

**اپيل**
**Appeal**

16.ڪو شخص جيڪو ڪنهن عدالت طرفان دفعه 15 جي ذيلي دفعه (1) تحت الزام هيٺ هجي، اهو سزا جا حڪم جاري ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر ڪورٽ آف سيشنز ۾ اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ ڪورٽ آف سيشنز اپيل تي سٺ ڏينهن اندر فيصلو ٻڌائيندي.

**تحفظ ڪميٽي**
**Protection Committee**

17.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حفاظتي ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي.

(2)هڪ حفاظتي ڪميٽي هڪ سماجي ڀلائيءَ وارو عملدار مقرر ڪندي جيڪو ڪنوينر، ميڊيڪل پريڪٽيشنر، هڪ سائيڪالاجسٽ، سائيڪو سوشل ورڪر ۽ ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل عملدار، هڪ عورت پوليس آفيسر جيڪا سب انسپيڪٽر جي عهدي کان گهٽ نه هجي ۽ سول سوسائٽي مان ٻه عورت ميمبرس ۽ تحفظاتي عملدار جيڪو پڻ تحفظاتي ڪميٽي جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

**حفاظتي ڪميٽي جا**

18. تحفظاتي ڪميٽي:

| | |
|---|---|
| (a)متاثر شخص کي هن ايڪٽ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت فراهم ڪيل سندس حقن بابت آگاهه ڪري سگهي ٿي ۽ مدد به فراهم ڪري سگهي ٿي؛<br>(b)متاثر شخص کي گهريلو تشدد سبب گهربل ڪو طبي علاج حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي؛<br>(c)جيڪڏهن ضروري هجي ۽ متاثر شخص جي راضپي سان متاثر شخص کي محفوظ هنڌ منتقلي ۾ مدد ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ شامل آهي ڪنهن مائٽ جو گهر يا خانداني دوست يا ڪنهن ٻي محفوظ جڳهه يا جيڪڏهن ڪنهن خدمت فراهم ڪندڙ طرفان ڪو گهر قائم ڪيو ويو هجي، اتي منتقل ڪري سگهي ٿي؛<br>(d)متاثر شخص کي هن ايڪٽ، ڪوڊ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت ڪنهن پٽيشن يا رپورٽ جي تياري يا داخل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي؛<br>(e)پنهنجي دائره اختيار هيٺ علائقي ۾ گهريلو تشدد جي واقعن جو آفيشل رڪارڊ رکڻ، پوءِ اهو حاصل ڪيل معلومات جي بنياد تي هجي يا پاڻمرادو، پوءِ ان تي هن ايڪٽ تحت قدم کنيو ويو هجي يا نه کنيو ويو هجي، اهڙي رڪارڊ ۾ شامل هوندو:<br>(i)گهريلو تشدد واري واقعي بابت وصول ٿيل پهرين معلومات؛<br>(ii) مدد، جيڪڏهن ڪا حفاظتي ڪميٽي طرفان متاثر شخص جي ڪئي وئي هجي، آڇي وئي هجي يا فراهم ڪئي وئي هجي؛<br>(iii)جتي گهربل هجي، هن ايڪٽ تحت قدم نه کڻڻ لاءِ سبب، جڏهن اهو واقعو تحفظاتي ڪميٽي جي معلومات ۾ آندو ويو هجي؛<br>(iv)جتي گهربل هجي، اهو سبب جنهن موجب متاثر شخص تحفظاتي ڪميٽي کان مدد وٺڻ کان انڪار ڪيو هجي؛<br>(v)خدمت فراهم ڪندڙ جا نالا ۽ رابطي جا تفصيل، جيڪڏهن ڪو | فرض ۽ افعال<br>Duties and functions of Protection Committee |

هجي، جنهن کان متاثر شخص مدد ورتي هجي؛

(vi) درخواستن، تحفظاتي حڪمن ۽ دائره اختيار واري علائقي ۾ خدمت فراهم ڪندڙن جو رڪارڊ رکڻ؛

(vii) ٻيون ڪي ذميداريون سرانجام ڏيڻ جيڪي هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن موجب تحفظاتي ڪميٽي کي سونپيون ويون هجن.

**حفاظتي ڪميٽي جا اختيار، مراعتون ۽ امتياز**
**Powers, privileges and immunities of Protection Committee**

19.(1) تحفظاتي ڪميٽي جا ميمبر، پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جي ايڪٽ XLV) جي دفعه 21 موجب پبلڪ سرونٽس سمجهيا ويندا.

(2) تحفظاتي ڪميٽي دفعه 11 تحت تحفظاتي حڪم حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست فائيل ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن متاثر شخص طرفان اهڙي گهر ڪئي وڃي.

(3) تحفظاتي ڪميٽي ڪنهن شخص يا اختياري جي مدد حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ ڪو شخص يا اختياري اهڙي ريت تحفظاتي ڪميٽي طرفان درخواست ڪيل مدد ڏئي سگهن ٿا، جيڪا تحفظاتي ڪميٽي کي گهربل مدد فراهم ڪرڻ قانوني دائري اندر هوندي.

**اختيار ۽ فرضن جي تفويض**
**Delegation of functions and powers**

20. تحفظاتي ڪميٽي پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن ميمبر يا ميمبرن کي سونپي سگهي ٿي.

**پروٽيڪشن آفيسر**
**Protection Officer**

21.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو گزيٽيڊ آفيسر تحفظاتي عملدار طور مقرر ڪري سگهي ٿي.

(2) تحفظاتي عملدار اهڙي قابليت ۽ تجربو رکندڙ هوندو جيئن

قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

**پروٽيڪشن آفيسر جا فرض**
**Duties of Protection Officer**

22.اها تحفظاتي عملدار جي ذميداري هوندي تہ:

(a)تحفظاتي ڪميٽي کي گهريلو تشدد جي واقعي بابت رپورٽ ڪرڻ، اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي، گهريلو تشدد جي شڪايت ملڻ تي ۽ ان سلسلي ۾ تحفظاتي ڪميٽي کي ڪاپيون اماڻيندو، جنهن جي دائره اختيار ۾ مقامي حدن اندر گهريلو تشدد جو واقعو پيش اچڻ جو الزام هجي ۽ ان علائقي ۾ خدمتون فراهم ڪندڙن کي ڪاپيون اماڻيندو؛

(b)اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت عدالت ۾ درخواست ڪرڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي، جيڪڏهن متاثر شخص ايئن چاهي، تحفظاتي حڪم جاري ڪرڻ لاءِ رليف گهرندو هجي؛

(c)اها پڪ ڪرڻ لاءِ تہ متاثر شخص کي ڪي قانوني مدد ڏني وئي آهي؛

(d)عدالت جي دائره اختيار ۾ ايندڙ مقامي علائقي ۾ قانوني مدد يا ڪائونسلنگ، يا شيلٽر هومز ۽ طبي سهولتون ڏيندڙ خدمتون فراهم ڪندڙن جي فهرست تيار ڪرڻ؛

(e)رهائش جي محفوظ جڳهہ جو بندوست ڪرڻ، جيڪڏهن متاثر شخص اهڙي گهر ڪري ۽ متاثر شخص کي شيلٽر هوم ۾ اهڙي رهائش فراهم ڪرڻ جي رپورٽ جي ڪاپي تحفظاتي ڪميٽي کي اماڻڻ؛

(f)متاثر شخص جو طبي معائنو ڪرائڻ، جيڪڏهن اهو هو خراب طرح زخمي ڪيو ويو هجي يا ڪئي وئي هجي ۽ ميڊيڪل رپورٽ جي ڪاپي علائقي ۾ دائره اختيار رکندڙ تحفظاتي ڪميٽي کي اماڻڻ، جتي گهريلو تشدد جو واقعو پيش اچڻ جو الزام هجي.

(g)اها پڪ ڪرڻ تہ دفعہ 12 تحت مانيٽري رليف لاءِ حڪم تي عمل

ٿيو آهي ۽ ان تي بيان ڪيل طريقيڪار تحت عمل ٿيو آهي؛ ۽
(h) اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**خدمتون فراهم ڪرڻ جو سهڪار**
**Assistance of service provider**

23.(1) هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڪارروائيءَ ۾، عدالت خدمت فراهم ڪندڙ جي خدمتن کي تحفظ ڏئي سگهي ٿي.
(2) خدمت فراهم ڪندڙ کي اهي سموريون مراعتون ۽ سهولتون حاصل هونديون جيڪي تحفظاتي ڪميٽي کي حاصل هونديون.

**خدمتون فراهم ڪرڻ جا اختيار**
**Powers of service provider**

24. خدمت فراهم ڪندڙ کي اختيار هوندو ته اهو:
(a) گهريلو واقعو بيان ڪيل طريقي رڪارڊ ڪري، جيڪڏهن متاثر شخص ايئن گهر ڪري، ۽ ان سلسلي ۾ ان جي ڪاپي گهريلو تشدد جو واقعو پيش اچڻ واري علائقي ۾ دائره اختيار رکندڙ تحفظاتي عملدار کي اماڻيندو؛
(b) متاثر شخص جو طبي معائنو ڪرائيندو ۽ ان سلسلي ۾ ان جي ڪاپي گهريلو تشدد جو واقعو پيش اچڻ واري علائقي ۾ دائره اختيار رکندڙ تحفظاتي عملدار کي اماڻيندو؛
(c) اها پڪ ڪندو ته متاثر شخص کي رهائش جي محفوظ هنڌ تي اجهو فراهم ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن اهو يا اها اهڙي گهر ڪري ۽ ان سلسلي ۾ متاثر شخص کي رهائش جي محفوظ هنڌ تي رهائش فراهم ڪرڻ جي رپورٽ گهريلو تشدد جو واقعو پيش اچڻ واري علائقي ۾ دائره اختيار رکندڙ تحفظاتي ڪميٽي کي اماڻيندو؛
(d) متاثر شخص کي ڪا مدد يا امداد فراهم ڪندو، جيڪڏهن اهو يا اها ڪا گهر ڪري.

**طريقيڪار**
**Procedure**

25. هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيل ڪانسواءِ، سموريون ڪارروايون ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪيل سمورا ڏوهه، ڪوڊ تحت حل ڪيا ويندا.

| | |
|---|---|
| 26.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن به ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن تحفظاتي ڪميٽي، تحفظاتي عملدار يا خدمت فراهم ڪندڙ خلاف ڪو مقدمو، ڪارروائي يا ٻي قانوني ڪارروائي نه ڪئي ويندي. | نيڪ نيتي ۾ ڪنيل قدمن جو تحفظ<br>Protection of actions taken in good faith |
| 27.هن ايڪٽ جون گنجائشون واڌارو هونديون، ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن به ٻئي قانون سان ٽڪراءَ ۾ نه هونديون. | هي قانون ڪنهن ٻي قانون جي ٽڪراءَ ۾ نه ايندو<br>Act not in derogation of any other law |
| 28.دفعه 10، 11، 12 ۽ 13 تحت جاري ڪيل حڪم تي ڪوڊ جو باب XXXII لاڳو ٿيندو. | نظرثاني<br>Revision |
| 29.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدن ناهڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 30.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، حڪومت هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نه ايندڙ حڪم ذريعي جاٽايل رڪاوٽ هٽائي سگهي ٿي. | رڪاوٽن کي هٽائڻ<br>Removal of difficulties |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**